# سائنس

ماھوار

مارچ
١٩٧٦ع







[سال٦] مارچ ١٩٧٦ع [پرچو٣]


Dr. Ali Murtaza Dharejo

سرپرست

**وزير اعليٰ سنڌ**

★

باني

**الحاج سيد غلام مصطفيٰ شاهه**

★

چيف ايڊيٽر

**ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي**

ايڊيٽر

**ڊاڪٽر شاهنواز عارباڻي**

**محمد شريف سيمڻ**

★

اسسٽنٽ ايڊيٽر

**عابد بلوچ**

★

انچارج ايڊيٽر "ٻارن جا صفحا"

**غلام حسين پنوهار**

آفيسون

**ايڊيٽر:** فريش واٽر بائلاجي شعبو سنڌ يونيورسٽي

سرڪيوليشن انچارج - **منظور حسين قاضي**

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي

**قيمت:** في پرچو — ٻه رپيا

سالانه چندو — ٢٢ رپيا

## صلاحڪارن جو بورڊ

- ڊاڪٽر آغا ثناءالله (ڪيميا)
- ڊاڪٽر عبدالحسين شاهه (طبعيات)
- ڊاڪٽر هدايت الله ابڙو (نباتيات)
- ڊاڪٽر عبدالقادر انصاري (حيوانيات)
- ڊاڪٽر لال بخش بوزدار (ارضيات)
- ڊاڪٽر سليمان شيخ (طب ۽ جراحي)
- ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور (زراعت)
- ڊاڪٽر عبدالاحد ابڙو (انجنيرنگ)
- مسٽر رحيم بخش سيايو (رياضي)
- سيد ظفر حسن (جاگرافي)

آرٽسٽ : منصور عالم ابڙو

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# فهرست

## وڏن جا صفحا


| صفحو | لکندڙ | مضمون |
|---|---|---|
| ۵ | مترجم: مس ليليٰ باٻا، شعبہ نفسيات سنڌ يونيورسٽي | سوشل سائنس ۾ تحقيق. |
| ۱۰ | عبدالرزاق شيخ، دڙي محلو، لاڙڪاڻو. | ڌاتو ڇا آهي؟ |
|  | سڪندر علي 'نور' ڪاشانہ حيدري، باڪراڻي روڊ لاڙڪاڻو. | پين کي نظر نہ ايندڙ انسان |
| ۲۱ | عبدالحڪيم - ايم - جوکيو پيو سال، چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو | سچ پوڙهو ٿيندو پيو وڃي |
| ۲۴ | ڊاڪٽر سليمان شيخ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو | ٻارڙن ۾ هڏڙيءَ جي بيماري |


## ٻارن جا صفحا


| صفحو | لکندڙ | مضمون |
|---|---|---|
| ۲۷ | غلام حسين ايم - پنوهار ريسرچ فيلو، انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري سنڌ يونيورسٽي | جهازن جا ڍانچا |
|  | مترجم: عبدالمجيد ايم - پنوهار | پاڻي ۽ ان جا قسم |
| ۳۱ | سڪندر علي جتوئي، پوسٽ آفيس پيٽو واڍا ميهڙ ضلع دادو | خلائي سفر |
|  | محمدعمر مگريو ريسرچ فيلو، انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري سنڌ يونيورسٽي | پچو ۽ پرادو |
| ۳۷ | عبدالستار، باٽني شعبو، سنڌ يونيورسٽي | ذهني آزمائش |
| ۳۹ | مترجم ع - ع - بلوچ، سنڌ يونيورسٽي سنڌ | دنيا جا ڊگها درياءَ |




وَمِنْ آيٰتِهِ الْجَوَارِ فِی الْبَحْرِ كَالْاَعْلَامِ ۝٣٢

اِنْ يَشَاْ يُسْكِنِ الرِّيْحَ فَيَظْلَلْنَ رَوَاكِدَ

عَلٰى ظَهْرِهٖ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ

لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ۝٣٣

( سورة شوریٰ - ٣٢ - ٣٣ )

الله جي (قدرت) جي نشانين مان سمنڊ ۾ جبلن جهڙيون هلندڙ ٻيڙيون آهن . جيڪڏهن گهري ته واءُ کي روڪي ڇڏي پوءِ اهي ٻيڙيون سمنڊ جي سطح تي بيهي رهن . بيشڪ ان ۾ سڀني صبر ڪندڙ ۽ شڪر ڪندڙ لاءِ نشانيون آهن .

ظاهر آهي ته انسان کي ڏسڻ ۾ نه اچڻ واري حدتائين پهچڻ ۾ ٻن مرحلن مان گذرڻـو پوندو: هڪ ته هو پهريائين پاڻکي شفاف کان شفاف تر بڻائي ۽ ٻيو ته هو پوءِ پنهنجي موڙانڪ کي هوا جي موڙانڪ برابر ڪري. هاڻي اچو ته ڏسون هڪ زنده انسان شفاف ٿي سگهي ٿو ؟

ڪي شيون حقيقت ۾ شفاف هونديون آهن پر ڏسڻ ۾ اهي شفاف نه لڳنديون آهن. جيئن شيشي جو پائودر جنهجو ذرو ذرو شفاف هوندو آهي پر ڏسڻ ۾ اهو اڇو پائودر لـڳندو آهـي. ساڳئي نموني اڇا ڪاغذ ظاهر ۾ اڇـا غير شفاف هوندا آهن پر دراصل اهي شفاف هوندا آهن ، چاڪاڻ ته جيڪڏهن ان کي تيل ۾ ٻوڙبو ته اهو شفاف نظر ايندو. غير شفاف صورت ان ڪاغذ کي ان ڪري هوندي آهي جـو ان کي ننڍڙن ذرڙن جي وچ ۾ خالي جڳهه هوندي آهي، جنهن سبب روشنيءَ جي موٽ ۽ موڙهڪ سطح جي بجاءِ گهڻين ئي سطحن تان ٿيندي آهي. تيل ۾ ٻوڙڻ تي تيل ڪاغذ جي ذرن جي وچواري وٿيءَ کـي پري ڇڏي ٿو ۽ پوءِ روشنيءَ جي موڙ ۽ موٽ طرف هڪ ئي مٿاڇري تان واقع ٿئي ٿي ۽ اسانکي اهو تيل ۾ ٻوڙيل ڪاغذ شفاف نظر اچي ٿو. ساڳي طرح ڪپهه جا ڌاڳا، اوني ڌاڳا، هـڏا، گوشت، وار، ننهن ۽ ٽنتون به ظاهر ۾ غير شفاف آهن پر حقيقتاً اهي شفاف آهن. انسان ۾ بس رڳو رت جي ڳاڙهاڻ ۽ وار جي ڪاري رنگ ڪانسواءِ ٻيا سڀ عضوا شفاف ۽ بي رنگ اوجن (Tissue) جانهيل آهن.

ان ڳالهه جي تصديق لاءِ بنا وارن واري البينو (Albino) جانورن جو مثال ئي ڪافي آهي چو تـه هنن جانورن جا اوجا شفاف هوندا آهن . ان کانسواءِ روس جي هڪ ماهر حيوانيات "ڊيتسڪوئي سيلو" (Detskoye selo) جي پرسان ١٩٢٣ع جي اونهاري ۾ هڪ البينو ڏيڏر هٿ ڪيو هو جنهن جي باري ۾ سندس تاثرات هئا تـه ان جـا مشڪاوان اوجا ۽ سنهي کل بلڪل ئي شفاف هئا ۽ ڪوبه ماڻهو ڏيڏر جا اندريان عضوا ۽ هڏا آسانيءَ سان ڏسي سگهيو ٿي. دل جي مشڪن جو سسڻ ۽ آنڊن جي چر پر ڏيڏر جي پيٽ واري حصي وٽان آسانيءَ سان نظر اچي سگهن پيا .

مذڪوره ناول جي ڇپجڻ کان ڏهه سال پوءِ ١٩١١ع ۾ هڪ جرمن سائنسدان پروفيسر ڊبليو اسپالٽهولز ، ايچ - جي - ويلز جي خيالن کي عملي جامو پارائڻ جو پهريون ڪامياب تجربو ڪيو پر هن صاحب جا تجربا فقط مئل جانورن تائين محدود هئا. اهو طريقو هيٺئين ريت هو جنهن تحت اهو پروفيسر ڪنهن به مئل جانور کي شفاف بڻائي سگهيو ٿي: سڀ کان اڳ ان جانور کي ڌوتو ٿي ويو ۽ پوءِ ان جو رنگ ڦٽايو ٿي ويو يا ان جي بليچنگ (Bleaching) ٿي ڪئي وئي ، ان کانپوءِ ان کي هڪ بي رنگ وڏي موڙانڪ واري پاڻيات ميٿائلسيليسائليٽ (MethyLsalicylate) ۾ ٿورو ٻوڙيو ٿي ويو ۽ آخر ۾ ان جانور کي ساڳي پاڻيات ۾ ڪن خاص بوتلن ۾ بند ڪري رکيو ٿي ويو ۽ پوءِ اهو شفاف بڻجي ٿي ويو.

پروفيسر اهڙا تجربا، ڪوئن ، مڇين ۽ انسان جي ڪـن عضون تي ڪاميابيءَ سـان ڪري ڏيکاريا حالانڪ انتهائي شفافپڻ حاصل نه ڪيو ويو ڇو ته پوءِ پروفيسر شايد انهن کي ڏسي نه ٿي سگهيو ها جي هو چاهي ها ته ائين ڪري سگهيو ٿي .

غلام حسين ايم - پنهور




# جهازن جا ڍانچا



## جاپانين جو هڪ عجيب خفت

اڄڪلهہ جپان ۾ جهاز جي مختلف ڍانچن (Models) تي تجربا ڪندڙن جون ڪيتريون ئي تنظيمون آهن جن ۾ سنجيده قسم جي تجربيڪارن کان وٺي بي حد شوق رکندڙ به شامل آهن. سنجيده قسم جا شوقين سادي ڪاغذ سان ٺهيل ڍانچن کي اڏائي بيحد خوشي حاصل ڪندا آهن. ٻئي قسم جي شوقينن ۾ جوشيلا ۽ جذباتي ماڻهو شامل آهن جيڪي وڏيڪ سنجهيل ۽ ڳوڙها ڍانچا تيار ڪري انهن تي تجربا ڪندا رهن ٿا. سنجهيل قسم جي ماڊلن يا ڍانچن کي 'لاسلڪي نظام' تحت هلايو ويندو آهي.

جپان جي باغن جي کليل ميدانن ۾ آچر جي شام جو ڪيترن ئي شوقينن جا ميڙ ڏسڻ ۾ ايندا جن ۾ ٻار، انهن جا والدين ۽

نوجوانن جا جوڙا شامل هوندا آهن . اهي شوقين پنهنجي جهازن (ڍانچن) جا خود ئي هواباز هوندا آهن ۽ پنهنجن پنهنجن جهازن کي اڏائي لطف اندوز ٿيندا آهن. هڪ اندازي مطابق هن وقت جپان اندر اهڙن شوقينن جو تعداد ست لک آهي.

وري دستڪاريءَ جي فن ۾ وڌندڙ شوق به انجي مشهوري ۾ اضافو آندو آهي. شوقين انهي شوق مان ٻئي خوشي حاصل ڪن ٿا؛ پهريائين جڏهن هو هڪ سادي ڪاغذ مان ڪئينچي ۽ ڪوئر جي مدد ساز پنهنجي پسند جو ماڊل ٺاهين ٿا ۽ ٻي خوشي وري هنن کي ان وقت حاصل ٿئي ٿي جڏهن پنهنجي ٺاهيل ماڊل کي هوا ۾ اڏامندو ڏسن ٿا.

جيڪڏهن ڪاغذ مان ٺهيل جهاز جي جوڙجڪ (ڊيزائن) سٺي آهي ۽ انکي سٺي نموني ٺاهيو ويو آهي ته ان کي اڏائڻ لاءِ هڪ کليل ميدان جي ضرورت پوندي ۽ بيس بال (Base ball) جو وسيع ميدان به شايد ان لاءِ پورو نه ٿئي. انهن ڍانچن ٺاهڻ لاءِ ڪينٽ پنو يا ڊرائنگ استعمال ڪيو ويندو آهي. مختلف قسم جي ديکه ۽ بناوت واري ٽڪرن کي ملائي جدا جدا قسمن جا ڍانچا تيار ڪيا ويندا آهن. انهن ڍانچن جا ماڊل گهڻو سٺي اڏامندڙ جمبو جيٽ ماڊل آواز کان تيز رفتار ماڊل ڪنيڪارڊ ديو قاميت جو ماڊل بنا پيچ وارو جهاز ۽ اهڙن قسمن جي ڪجهه ٻين ماڊلن جهڙا ٿيندا آهن.

اچي پني مان ٺاهيل هڪ سادو ماڊل اڏامڻ دوران نه صرف هڪ خوبصورت منظر پيدا ڪري ٿو پر ان مان گڏوگڏ اهڙا موقعا به فراهم ڪري ٿو جنهن ڪري هر هڪ پنهنجي تجويز ڪيل ماڊل تي تجربا پڻ ڪري سگهي ٿو.

جپان ننڍن جهازن جي ڍانچن ٺاهڻ جي ميدان ۾ دنيا جي سڀني ملڪن کان اڳيرو آهي. نه رڳو اهو پر انهن جي مختلف حصن جهڙوڪ انهن جي انجڻ، ضابطي لاءِ لاسلڪي نظام، ۽ اهڙن ٻين پرزن جي ٺاهڻ ۾ پڻ ٻين کان اڳيرو آهي، انهن مان لاسلڪي نظام تي ڪم ڪندڙ ماڊل نه صرف ڪارڪردگي جي لحاظ کان سٺا آهن پر انهن تي خرچ به ٿورو ٿو اچي. اهوئي سبب آهي جو هي شوق ايترو جلد پکڙيو آهي ۽ صرف جپان اندر ٽن لکن کان به وڌيڪ شوقين لاسلڪي نظام وارن ڍانچن مان لطف اندوز ٿي رهيا آهن. شوقينن جو ايڏو وڏو تعداد ٻئي ڪنهن به ملڪ ۾ ڪونه آهي.

انهن ڍانچن کي، اڏامڻ جي طريقي، انهن جي نموني، ۽ ريڊيائي نظام جي بنيادن تي، هيٺين پنجن حصن ۾ ورهايو ويو آهي.

متوازن اڏام وارو (Acrobatic flight model)
تيز رفتار (Speed model)
ترازو ماڊل (Scale model)
ڊينگندڙ جهاز وارو ماڊل (Glider)
هيليڪاپٽر (Helicopter)

سڪندر علي جتوئي

# خلائي سفر



اسان جڏهن ڪو به پٿر مٿي اڇلايون ٿا ته اهو ڪنهن اوچائي تائين مٿي وڃي وري زمين ڏانهن واپس ڪرڻ لڳي ٿو. جيترو به ان پٿر ڪي شروعات ۾ تيز اڇلايو ويندو ته اوتري وڌيڪ اتاهين تائين پهچندو. اسان ان جي شروعاتي رفتار وڌائيندا وينداسين ته اوترو ئي پٿر گهڻو مٿي ويندو.

اهو پٿر زمين ڏانهن ان ڪري واپس اچي ٿو جو زمين جي ڪشش انکي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي. جيڪڏهن ان پٿر کي مٿي اهڙي رفتار سان اڇلايو وڃي جنهن جي طاقت زمين جي ڪشش کان وڌيڪ آهي ته اهو پٿر زمين جي ڪشش کان ٻاهر نڪري مٿين فضا ۾ ويندو جتي زمين جي ڪشش ان پٿر تي اثر انداز نه ٿي سگهندي ۽ ان پٿر کي پوئتي ڇڪڻ ۾ ناڪام ويندي. اهڙي فضا کي جتي زمين جي ڪشش پهچي نه سگهندي آهي خلا (Space) چئبو آهي. پٿر جي رفتار جيڪا هوا جي روڪ ۽ زمين جي ڪشش تي حاوي ٿي وڃي انکي "Escape veloity" چئبو آهي. پٿر جي اها رفتار زمين جي مٿاڇري تي ٢٥،٠٠٠ ميل في ڪلاڪ آهي. هاڻي ان رفتار کي نظر ۾ رکي زمين جي ڪشش کان جند ڇڏائي نڪرڻ جو بنياد رکيو ويو آهي ؛ ته ڪو به راڪيٽ جڏهن ان رفتار کان وڌيڪ هلندو ته اهو زمين جي مدار مان نڪري سگهندو. ڊاڪٽر وان بران جنهن جرمني ۾ مشهور راڪيٽ "V-2" ٺاهيو هو ۽ ان کانپوءِ آمريڪا ۾ خلائي تحقيقات ۾ مصروف رهيو تنهن زمين جي ڪشش مان ٽپي وڃڻ واري رفتار (Escape veloity) حاصل ڪرڻ لاءِ ٽن طبقن وارو راڪيٽ ترتيب ڏنو جيڪو زمين جي ڪشش پار ڪرڻ لاءِ ڪافي. هو اهو راڪيٽ ٢٠٠ فوٽ ڊگهو هو ۽ انجو قطر

## انچارج، پڇو ۽ پرايو:-
## محمد عمر مگريو




### عبدالستار، شهدادپور

**سوال:-** آبدوز جو پاڻي ۾ رهڻ ۽ مٿاڇري تي ترڻ ڪهڙي اصول تي دارومدار رکي ٿو؟

**جواب-** آبدوز جو تهي ڏيئي غائب ٿيڻ ۽ وري واپس پاڻي جي سطح تي اچڻ جو دارومدار پاڻي جي اڇل تي آهي. پاڻي جي اڇل ختم ڪرڻ لاءِ آبدوز اندر پاڻي جا تلاءُ موجود آهن. انهن تلائـــن ۾ پاڻي ڀري آبدوز جـــو وزن پاڻي جي اڇل جي برابر ڪيو ويندو آهي. هاڻي جيڪڏهن آبدوز ڪي پاڻي جي سطح تي هلائڻو هوندو آهي تـــه ان صورت ۾ سندس تلائن جي پاڻي جو وزن ٻاهرئين پاڻي جي اڇل جي برابر ڪيو ويندو آهي. پـــر جيڪڏهين آبدوز ڪي پاڻي ۾ ڪنهن ٻـه اونهائي تائين وٺي وڃڻو هوندو آهي ته انصورت ۾ تلائن ۾ پاڻي وڌيڪ جمع ڪيو ويندو آهي جنهن ڪري هو پاڻي ۾ ڪيتري ٻه اونهائي تائين پهچي سگهي ٿي. انصورت ۾ جيڪڏهين ان جي انجن چالو ڪئي وڃي ته پوءِ هوءَ ڪنهن ٻه طرف ڪو مفاصلو طئي ڪري سگهي ٿي. واپس مٿاچري تائين آڻـــڻ لاءِ جيڪڏهين انهيءَ جي تلائن جو پاڻي گهٽ ڪبو ته هو هلڪي ٿي پوندي ۽ پاڻيءِ جي مٿاڇري تائين اچي پهچندي.

### محمد رمضان، پٺورو

**سوال-** دنيا ۾ ڊگهي ۾ ڊگهـــو وڻ ڪٿي ٿيندو آهي ۽ سندس اوچائي ڪيتري ٿيندي آهي؟

**جواب-** دنيا ۾ ڊگهن وڻن جي ڪا ڪمي ڪونه آهي. هر ملڪ ۾ ڪنهن نـــه ڪنهن قسم جو وڻ ڪافي اوچائي رکندو آهي. جهڙوڪ آسٽريليا جو وڻ ”يوڪليپٽس“ تقريبن ٣٠٠ فوٽ ڊگهو ٿيندو آهي. موجوده وقت ۾ ڊگهي ۾

*With the Compliments*

**OF THE MAKERS OF**

**INTERNATIONAL LUX**

**R. LINTAS**

Registered No.S-2956

# MONTHLY Science MAGAZINE

Approved by the Directorate of Education, Hyderabad Region.

Vol: 6 MARCH 1976 No. 3




Printed by Aijaz Mohammed Siddiqui, Manager, Sind University Press, Hyderabad Sind
& Published by Dr. Ghulam Ali Allana, Institute of Sindhology, University of Sind, Sind.